# علم جون برڪتون

سنڌي



پيشڪش:

مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)

ترجمو:

ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ (دعوت اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنۡ شَآءَاللّٰہ جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰھُمَّ افْتَحْ عَلَیْنَا حِکْمَتَکَ وَانْشُرْ عَلَیْنَا رَحْمَتَکَ یَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِکْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفکربيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي چڏيو)

رسالي جو نالو: **علم جون برڪتون**

چاپو پهريون: ذيقعده 1443ھ جون 2022ع

تعداد:


ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گھٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# علم جون برڪتون

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.ne

# فهرست

مهاڳ ........................................ 1
علم جون برڪتون ........................................ 3
دُرود شريف جي فضيلت ........................................ 3
سمجهدار والده ........................................ 4
ڪاش ! هر گهر ۾ گهٽ مان گهٽ هڪ دين جو عالم هجي .......... 6
والدين پاران اولاد کي بهترين تحفو ........................ 8
پاڻ ۽ ملائڪن ساڻ علماءِ ڪرام جو ڀلائي سان ذڪر .............. 8
علماءِ ڪرام جي عام ماڻهن تي فضيلت ........................ 9
علم عبادت کان افضل ڇو؟ ........................................ 9
تقليد جو ثبوت ........................................ 10
عالِمِ دين بڻجڻ جي لاءِ ڪيترو علم ضروري آهي. ................ 11
مدني بهار ........................................ 12
عالم ۽ غير عالم برابر نٿا ٿي سگهن ........................ 13
نوجوان عالم، جاهل پوڙهي کان افضل آهي .................... 14
علمِ دين جو شان ........................................ 14
علمِ دين جي بدولت مال ۽ بادشاهت ملي وئي .................. 15
عالِمِ دين جي ست حرفن جي نسبت سان علماءِ ڪرام جي فضائل تي مشتمل
ست (7) فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .......................... 15
عالِمِ دين جي محفل جي برڪت سان ڳائڻيءَ جي توبهه ............ 18

اللّٰه وارا ئي ٻچندا آهن............................21
ڇا شان آهي صديقِ اڪبر جو ............................ 22
پنهنجي شاهدي سان گڏ عالم سڳورن جي شاهدي جو ذڪر ...... 22
رباني عالم جي هڪ نشاني ............................ 23

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ‌ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# مهاڳ

الحمدللّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ علمِ دين جو شوق پيدا ڪرڻ ۽ ديني ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ جي وقتاً فوقتاً ترغيب ڏياري وڃي ٿي. شيخ طريقت، اميراهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي طرفان گذريل تقريباً پنج سال کان هر هفتي هڪ رسالو (Weekly Booklet) پڙهڻ يا (Audio Book) جي ذريعي ٻڌڻ جو اعلان ڪيو ويندو آهي. مطالعو ڪرڻ وارا خوش نصيب اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون دعاءِ عطار جون برڪتون بہ حاصل ڪندا آهن. الحمدللّٰه! ”هفتہ وار رسالي جي مطالعي واري مجلس“ طرفان مختلف موضوعن تي رسالا تيار ڪيا وڃن ٿا، 13 ربيعُ الاوّل 1443ھ تي هفتيوار رسالي جي مطالعي واري مجلس جي هڪ اسلامي ڀاءُ وڏيڪ نئين موضوعن بابت اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کان رهنمائي ورتي تہ پاڻ چند مدني مشورا عنايت فرمائيندي ارشاد فرمايائون: احياءُالعلوم کي نہ وسارجو(يعني هن ڪتاب کي بہ پنهنجي رسالن ۾ شامل ڪيو.) چوتہ پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه احياءُالعلوم ڪتاب کي تمام گهڻو پسند فرمائن ٿا. هڪ مدني مذاڪري ۾ اميراهلسنت ارشاد فرمايو: بهارِ شريعت عالم بنائڻ وارو ڪتاب آهي ۽ فتاويٰ رضويہ مفتي بڻائڻ وارو جڏهن تہ احياءُالعلوم ڪامل مؤمن بڻائڻ وارو ڪتاب آهي. پاڻ فرمائن ٿا: باطني معلومات جي حوالي سان امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا مون تي تمام گهڻا احسان آهن. جنهن احياءُالعلوم ناهي پڙهي مون کي اهو اڻپورو لڳي ٿو. لهٰذا فرمانِ اميراهلسنت تي عمل ڪندي حُجة الاسلام امام محمد بن

محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه جي مشهور ڪتاب احياءُالعلوم جيڪا عربي زبان ۾ 5 جلدن تي مشتمل آهي ۽ دعوتِ اسلامي جي اهم ترين شعبي اسلامڪ ريسرچ سينٽر المعروف”المدينة العلميه“ هن ڪتاب جو اردو زبان ۾ ترجمو به ڪيو آهي. تمام عاشقانِ رسول کي گهرجي ته هو باقاعده هن ڪتاب جو ترتيب سان مطالعو ڪن ان شاءالله الڪريم اوهان جي معلومات ۾ ضرور اضافو ٿيندو ۽ ڪيئي فرض علوم سکڻ لاءِ ملندا. عام عوام جي آساني ۽ مطالعي جي لاءِ احياءُالعلوم مان ڪجهه مواد ڪجهه ترميم ۽ واڌاري سان گڏ هي رسالو پيش ڪيو پيو وڃي. (جيڪو سلسلي وار هلندو رهندو. ان شاءالله الڪريم) رضاءِ الٰهي ماڻڻ ۽ حصولِ علم دين جي لاءِ هفته وار رسالي جو مطالعو نه صرف معلومات ۾ اضافي جو سبب آهي بلڪ ان سان زندگي جي اهم مسئلن جي باري ۾ به آگاهي ملندي آهي. الله ڪريم! اسان کي پنهنجي بزرگانِ دين رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡهِم جي ڪتابن مان فيضياب ٿيڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ گڏوگڏ علم تي اخلاص سان عمل ڪرڻ جي سعادت به عنايت فرمائي.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

والسلام مع الاڪرام
ابو محمد طاهر عطاري مدني عفي عنه

# علم جون برڪتون

**دعاءِعطار:** ياربّ المصطفيٰ! جيڪو به 21 صفحن جو رسالو ”علم جون برڪتون“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، اُن کي پنهنجي رضا جي لاءِ علم دين سکڻ ۽ ان کي پکيڙڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ ان کي بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دُرود شريف جي فضيلت

حضرت شيخ ابو العباس تيجاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ طالب علم کي خط موڪليو ۽ ان ۾ بسم الله ۽ صلوٰة وسلام کان بعد لکيو ته الله پاڪ جو سڀ کان وڌيڪ فائديمند ذڪر رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي دل کي حاضر ڪري درود موڪلڻ آهي. بيشڪ هي دنياوي ۽ اُخروي تمام مقاصد جي حصول جو ضامن ۽ تمام مشڪلات جو حل آهي ۽ جيڪو شخص اُن تي عمل ڪندو اُهو ئي الله پاڪ جو سڀ کان وڌيڪ پسنديده(ٻانهو) ٿيندو. (سعادة الدارين،ص109)

دَسْت بستہ سب فرِشْتے پڑھتے ہیں اُن پر دُرود
کیوں نہ ہو پھر وِرد اپنا اَلصَّلٰوۃ وَالسَّلَام
مومنو پڑھتے نہیں کیوں اپنے آقا پر دُرود
ہے فرِشْتوں کا وظیفہ اَلصَّلٰوۃ وَالسَّلَام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# سمجهدار والده

ڪروڙين مالڪين جي امام، عاشقِ مدينہ امام مالڪ بن انس ۶ عظيم تابعي بُزرگ حضرت حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِما جهڙي جليل القدر هستين جا استاذِ محترم حضرت ربيعہ بن ابو عبدالرحمٰن رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اجا پنهنجي امڙ جي پيٽ ۾ ئي هئا تہ سندس والدِ محترم حضرت ابوعبدالرحمٰن فَرُّوخ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بنو اميہ جي زماني ۾ سرحدن جي حفاظت جي لاءِ جهاد جي ارادي سان خراسان هليا ويا. خراسان روانگي وقت پنهنجي گهر واريءَ وٽ ٽيهہ هزار دينار ڇڏي ويا. 27 سال بعد جڏهن پاڻ مدينہ منوره تشريف ڪٺي آيا تہ ڪين هٿ ۾ نيزو هو، ۶ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه گهوڙي تي سوار هئا. گهر پهچي گهوڙي تان لهي ڪري نيزي سان دروازي کي کولياٺون تہ حضرت ربيعہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه يڪدم ٻاهر نڪتا. جيئن ئي انهن هڪ هٿيار ٻڌل شخص کي ڏٺو تہ غضبناڪ لهجي ۾ چيائون: ”اي الله جا ٻانها! ڇا تون منهنجي گهر تي حملو ڪرڻ چاهين ٿو؟“ حضرت فَرّوخ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: ”نہ! پر اوهان اهو تہ ٻڌايو توهان کي منهنجي گهر ۾ داخل ٿيڻ جي جرئت ڪيئن ٿي.“ پوءِ ٻنهي ۾ سخت ڪلامي ٿيڻ لڳي. قريب هو تہ ٻنهي جا ڳچي ۾ هٿ پئجي وڃن ها پر پاڙيسرين وچ ۾ اچي لڙائي کي ختم ڪرايو. ايتري ۾ جڏهن امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ۶ ٻين بزرگن کي خبر پئي تہ هو جلدي هليا آيا. ماڻهو انهن کي ڏسي خاموش ٿئي ويا. حضرت ربيعہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان شخص کي چيو: ”خدا جو قسم! مان ان وقت تائين توکي نہ ڇڏيندس تہ جيستائين توکي سلطان (يعني بادشاهِ اسلام) وٽ نہ وٺي وڃان.“ حضرت فَرُّوخ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه چيو: خدا جو قسم! مان بہ توکي سلطان وٽ وٺي وڃڻ کان بغير ڪونہ ڇڏيندس، هڪ تہ تون منهنجي گهر ۾ بنا اجازت جي داخل ٿيو آهين ٻيو وري مون سان لڙائي

پيو ڪرين.“ امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ابو عبدالرحمٰن فرُّوخ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪي نهايت نرمي سان سمجهائيندي چيو تہ جناب! جيسيتائين اوهان کي رهڻو ئي آهي تہ ڀلا ڪنهن ٻئي مڪان ۾ رهو. پاڻ فرمايائون: ”منهنجو نالو فرُّوخ آهي ۽ هي منهنجو گهر آهي“ اهو ٻڌي سندس گهرواري جيڪا دروازي جي پنيان سڄي گفتگو ٻڌي رهي هئي، فرمائڻ لڳي: هي منهنجو مڙس آهي ۽ ربيعہ ان جو پٽ آهي.“ اهو ٻڌي ٻئي پيءُ پٽ ڀاڪر ۾ پئجي ويا ۽ سندن اکين مان خوشي جا ڳوڙها وهڻ لڳا. حضرت فرّوخ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه خوشي سان گهر ۾ داخل ٿيا. جڏهن اطمينان سان ويهي رهيا تہ ڪجھ دير کان بعد سندن کي اهي ٽيهہ هزار اشرفيون ياد آيون جيڪي روانگي وقت پاڻ گهرواريءَ کي ڏئي ويا هئا. سو گهرواريءَ کان پڇيائون تہ منهنجي امانت ڪاٿي آهي؟ سمجهدار گهرواريءَ عرض ڪيو: ”مون ان کي سنڀالي رکيو آهي.“ حضرت ربيعہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان دوران مسجد نبوي پهچي ڪري پنهنجي درس واري حلقي ۾ ويهي چڪا ها ۽ شاگردن جو هڪ (وڏو) هجوم هيو جنهن ۾ امام مالڪ ۽ خواجہ حسن رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِما جهڙا ماڻهو شامل هئا، جن حضرت ربيعہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي گهيري رکيو هو. حضرت فرُّوخ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نماز پڙهڻ جي لاءِ مسجد نبوي شريف ۾ ويا تہ هي(عجيب) منظر ڏٺائون تہ هڪ وڏي مجلس آهي جنهن ۾ ماڻهو نهايت ادب و احترام ۽ توجھ سان علمِ دين سکي رهيا آهن ۽ هڪ خوبصورت نوجوان انهن کي درس ڏئي رهيو آهي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ويجهو ويا تہ ماڻهن سندن لاءِ جاءِ ڪشاده ڪئي. حضرت ربيعہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مٿو جهڪائي درس ڏئي رهيا هئا انهيءَ ڪري سندن والد صاحب ڪونہ سڃاتو ۽ مجلس ۾ موجود ماڻهن کان پڇيائون: ”علم جا موتي ورهائيندڙ هي ”شيخ الحديث“ ڪير آهي؟ ماڻهن ٻڌايو: ”هي ربيعہ بن ابو عبدالرحمٰن

آهن.“ اهو ٻڌي ڪري بيحد خوشي جي عالم ۾ سندن زبان مان هي جملو نڪتو تہ ”لَقَدۡ رَفَعَ اللّٰهُ اِبۡنِی يقيناً رب العزت منهنجي پٽ کي وڏو عظيم رتبو عطا فرمايو آهي! “پوءِ خوشي مان گهرواريءَ وٽ آيا ۽ فرمايائون: ”مون تنهنجي جگر جي ٽڪڙي کي اڄ اهڙي عظيم رتبي تي ڏٺو آهي جو هن کان پهريان مون ڪنهن علم واري کي اهڙي مرتبي تي ناهي ڏٺو.“ گهرواريءَ پڇيو: ”اوهان کي پنهنجا ٽيهہ هزار دينار ڪپن يا پنهنجي پٽ جي اها عظمت ۽ رتبو.“ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ارشاد فرمايو: ”خدا جو قسم! مون کي پنهنجي نورچشم جو شان درهم ۽ دينار کان وڌيڪ پسند آهي.“ هوءَ چوڻ لڳيون: ”مون اهو سڄو مال اوهان جي پٽ جي تعليم ۽ تربيت تي خرچ ڪري ڇڏيو آهي.“ اهو ٻڌي پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه خوش طبعي طور فرمايو: خدا جو قسم! اوهان هن مال کي ضايع ناهي ڪيو.“ (تاريخ بغداد،421/8)

**الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

میرے استاد ماں باپ بھائی بہن اَہل وُلد و عشیرت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪاش! هر گهر ۾ گهٽ مان گهٽ هڪ دين جو عالم هجي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! دين جو علم وڏي عظيم نعمت آهي، ان کي

حاصل ڪرڻ سعادتمندن ئي جو حصو آهي علم دين کي حاصل ڪرڻ نفل عبادت کان افضل آهي، علم دين جي فضيلت جي لاءِ اهو ئي ڪافي آهي تہ عالم يعني علم وارو هئڻ اللّٰہ پاڪ جي صفت آهي.
حديثِ قدسي آهي: اللّٰہ پاڪ حضرت ابراهيم خليل اللّٰہ عَلَيهِ السَّلَام جي طرف وحي فرمائي تہ اي ابراهيم! مان عليم آهيان ۽ هر صاحبِ علم کي پسند ڪندو آهيان.

( جامع بيان العلم وفضلہ، ص70)

ڪاش! دنياوي تعليم جون وڏيون وڏيون ڊگريون حاصل ڪرڻ جي صبح و شام فڪر ڪرڻ بدران علمِ دين جي حصول جو شوق پيدا ٿي وڃي. مال، مال ۽ صرف مال ئي جي فڪر ۾ مست رهڻ بدران گهٽي علمِ دين جي حصول جو شوق رکڻ گهرجي ڇوتہ مال جي حفاظت پاڻ کي ڪرڻي پئي ٿي جڏهن تہ علمِ دين اسان جي حفاظت ڪندو آهي، علمِ دين ۽ ڪامل علماءِ ڪرام جا بيشمار فضائل قرآن ۽ حديث ۾ بيان ٿيا آهن. منهنجا شيخ طريقت، باني دعوتِ اسلامي اميراهلسنت دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ الْعَالِيه ارشاد فرمائن ٿا منهنجي خواهش آهي تہ هر گهر ۾ گهٽ مان گهٽ هڪ عالمِ دين هئڻ گهرجي. زهي نصيب! پنهنجي اولاد کي حافظ قرآن، عالمِ دين بلڪ مفتيِ اسلام بڻائڻ جو خوبصورت عظيم جذبو نصيب ٿي وڃي ڇوتہ اهڙي اولاد حياتي ۾ پنهنجي والدين جو خوب ادب ۽ تعظيم ڪندي، پوڙهائپ ۾ انهن جي خدمت ڪري عظيم ثواب جي حقدار بڻجندي ۽ والدين جي دنيا مان لاڏاڻي ٿيڻ کان بعد انهن جي لاءِ تمام گهڻو ايصالِ ثواب ڪري صدقهءِ جاريہ جو سبب بہ بڻجندي آهي.

## والدين پاران اولاد کي بهترين تحفو

حديثِ پاڪ ۾ والدين کي پنهنجي اولاد کي علمِ دين سيکارڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي جيئن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: انسان جو پنهنجي ٻار کي ادب سيکارڻ هڪ صاع (يعني 4 ڪلو مان 160 گرام گهٽ) صدقو ڪرڻ کان بهتر آهي. (ترمذی، 382/3،حديث: 1958)

هڪ ٻئي روايت ۾ آهي: ڪنهن پيءُ پنهنجي پٽ کي سنو اَدب سيکارڻ کان وڌيڪ ڪو تحفو ناهي ڏنو. (ترمذی، 383/3، حديث:1959)

دل ۾ علمِ دين جو شوق اجا وڌائڻ جي لاءِ چند قرآن جون آيتون ۽ حديثون پيش ڪجن ٿيون. انهن کي پڙهي ڪري پاڻ به علمِ دين حاصل ڪيو ۽ پنهنجي اولاد کي به دين جو علم پڙهايو.

## پاڻ ۽ ملائڪن ساڻ علماءِ ڪرام جو ڀلائي سان ذڪر

الله پاڪ علماءِ ڪرام جي فضيلت بابت سيپاري 3 سوره آل عمران آيت نمبر 18 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| شَهِدَ اللّٰهُ اَنَّهٗ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۙ وَ الْمَلٰٓىٕكَةُ وَ اُولُوا الْعِلْمِ قَآىٕمًۢا بِالْقِسْطِ ؕ | آيت: ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ الله گواهي ڏني ته ان کان سواءِ ڪو معبود ناهي ۽ فرشتن ۽ عالمن انصاف سان قائم ٿي ڪري. |

حجة الاسلام امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هي آيت لکڻ کان بعد ارشاد فرمائن ٿا: ڏسو! الله پاڪ ڪهڙي طرح پنهنجي پاڪ ذات کان آغاز فرمايو آهي پوءِ ملائڪن ۽ پوءِ عالم سڳورن جو ذڪر فرمايو. شرف ۽ فضيلت ۽ عظمت ۽ ڪمال جي لاءِ اها ئي ڳالهه

ڪافي آهي. عظيم تابعي بُزرگ حضرت سعيد بن جُبير رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ڪعبي شريف جي آسپاس ٽئي سؤ سٺ(360) بت پيل هئا، جڏهن اها آيتِ مبارڪ نازل ٿئي تہ تمام بُتَ سجدي ۾ ڪِري پيا.
(تفسيرقرطبي ،جز: 4،پ3،آل عمران،تحت الآية:18، 32/2)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! سيپارو 28، سُوۡرَةُ الۡمُجَادَلَة، آيت نمبر 11 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| يَرۡفَعِ اللّٰهُ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا مِنۡكُمۡ ۙ وَ الَّذِيۡنَ اُوۡتُوا الۡعِلۡمَ دَرَجٰتٍ ؕ | ترجمو ڪنزالعرفان: الله توهان مان ايمان وارن جا ۽ انهن جا درجا بلند فرمائيندو آهي جن کي علم ڏنو ويو. |

## علماءِ ڪرام جي عام ماڻهن تي فضيلت

حضرت عبدالله بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُمَا فرمايو: ”علماءِ ڪرام عام مؤمنن کان 700 درجا بلند رتبي تي هوندا، هر ٻن رتبن جي وچ ۾ 500 سال جو مفاصلو آهي. (قوت القلوب،241/1)

## علم عبادت کان افضل ڇو؟

امام غزالي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه منهاج العابدين ۾ لکن ٿا: اي اخلاص ۽ عبادت جا طلبگار! الله پاڪ توکي توفيق سان نوازي، سڀ کان پهريان توتي دين جو علم حاصل ڪرڻ ضروري آهي ڇوتہ سڄو دارومدار انهيءَ تي آهي. ڄاڻي ونو تہ علم ۽ عبادت ٻہ اهڙا جوهر آهن جو لکڻ وارن جي ڪتابن، سيکارڻ وارن جي تعليم، مبلغن جي بيانن ۽ غور ويچار ڪرڻ وارن جي خيالن مان توهان جيڪو ڪجهہ ڏسي يا ٻڌي رهيا آهيو هي سڀئي انهيءَ ٻن (شين) جي ڪري آهي، علم ۽ عبادت ئي جي لاءِ آسماني

ڪتاب نازل ڪيا ويا ۽ رسولن عَلَيۡهِمُ السَّلَام ڪي موڪليو ويو بلڪ زمين ۽ آسمانن ۽ ان جي سڄي مخلوق کي انهن ٻنهي جي ڪري پيدا ڪيو ويو آهي ٿورو اڳتي هلي وڌيڪ لکن ٿا: ٻانهي تي لازم آهي تہ هو انهن ٻنهي (يعني علمِ دين سکڻ ۽ عبادت ڪرڻ) ۾ ئي لڳل رهي، انهن ئي جي حصول ۾ پاڻ کي مصروف رکي ۽ انهيءَ ۾ غور و فڪر ڪري. بهرحال ڄاڻي ونو تہ علم ۽ عبادت کان علاوه جيترا بہ ڪم آهن سيئي بيڪار ۽ فالتو آهن هنن جو ڪو فائدو ۽ حصول ناهي.

(منہاج العابدین،ص11)

اي عاشقانِ علمِ دين! حديثِ پاڪ ۾ آهي: الله پاڪ جنهن سان ڀلائي جو ارادو ڪري ٿو اُن کي دين جي سمجهہ عطا فرمائي ٿو. (مسلم، ص401، حديث:2392) هڪ ٻئي روايت ۾ آهي: عالِمَ انبياء جا وارث آهن.

(سنن ابن ماجه، 146/1، حديث:223)

هن مان خبر پئي تہ جهڙي طرح نبوت کان وڌيڪ ڪو رتبو ناهي اهڙي طرح نبوت جي وراثت(يعني علم) کان وڌيڪ ڪا عظمت ناهي.

(احياء العلوم، 20/1)

منهنجا شيخ طريقت اميراهلسنت علماءِ ڪرام سان پنهنجي محبت جو اظهار پنهنجي نعتيہ ڪتاب وسائل بخشش ۾ هيئن ڪن ٿا:

مجھ کو اے عطّارؔ سُنّی عالِموں سے پیار ہے    اِن شاءَاللہ دوجہاں میں میرا بیڑا پار ہے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!    صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

# تقليد جو ثبوت

حضرت مفتي احمد يارخان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هن حديثِ پاڪ (الله پاڪ جنهن سان ڀلائي جو ارادو ڪري ٿو اُن کي دين جي سمجهہ عطا فرمائي ٿو) مان بہ

مسئلا ثابت ٿيا: هڪ اهو تہ قرآن ۽ حديث جا ترجما ۽ الفاظ رَٽو هڻي ياد ڪرڻ علمِ دين ناهي، بلڪ هنن جو سمجهڻ علمِ دين آهي. اهوئي مشڪل آهي انهيءَ جي لاءِ فقهاءِ ڪرام جي تقليد ڪئي ويندي آهي انهيءَ ڪري تمام مفسرين و محدثين ائمہِ مجتهدين جي پيروي ڪئي پنهنجي حديث ڄاڻڻ تي ناز نہ ڪيو، قرآن و حديث جا ترجمہ تہ ابوجهل بہ ڄاڻيندو هو. ٻيو اهو تہ حديث ۽ قرآن جو علم ڪمال ناهي، بلڪ ان جو سمجهڻ ڪمال آهي. عالمِ دين اهو آهي جنهن جي زبان تي الله پاڪ ۽ ان جي رسول جو فرمان هجي ۽ دل ۾ انهن جو فيضان.

(مراۃ المناجیح،187/1)

شافعی مالک احمد امامِ حَنیف چار باغِ امامت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## عالمِ دين بڻجڻ جي لاءِ ڪيترو علم ضروري آهي•

منهنجا آقا اعليٰ حضرت امام اهلسنت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان بہ سوال ٿيا جيڪي عرض(يعني سوال) ۽ ارشاد(يعني جواب) سان گڏ اوهان جي بارگاهہ ۾ پيش ڪيا وڃن ٿا:

عرض: عالم جي تعريف ڇا آهي؟

جواب: عالم جي تعريف هي آهي تہ عقائد کان مڪمل آگاهہ هجي ۽ مُستَقِل هجي ۽ پنهنجي ضروريات کي بنا ڪنهن جي مدد جي ڪتاب مان ڪڍي سگهي.

عرض: ڪتابَ پڙهڻ ئي سان علم حاصل ٿيندو آهي؟

ارشاد: صرف اهوئي نہ بلڪ علم"افواهِ رِجال" (يعني علم وارن جي گفتگو سان بہ حاصل ٿيندو آهي. (ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،ص58)

## مدني بهار

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! علمِ دين حاصل ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو اميراهلسنت جي علم ۽ حڪمت سان لبريز سوالن ۽ جوابن تي مشتمل مقبول ترين سلسلو مدني مذاڪرو ۽ بيانَ ٻڌڻ به آهي. هڪ مدني بهار پڙهو ۽ علم دين جو شوق پيدا ڪيو! مراد آباد(هند) جي هڪ اسلامي ڀاء خواب ۾ هڪ خوبصورت باغ ڏٺو، جنهن ۾ سنت جي مطابق اڇو لباس پهريل، نوراني چهري وارو بزرگ مٿي تي عمامي شريف جو تاج سجائي نماز پڙهي رهيو آهي، مان انتظار ڪرڻ لڳس ته هو نماز مڪمل ڪن ته مان انهن سان هٿ ملائي پڇان ته هُو ڪير آهن؟ پر جيئن ئي انهن سلام ڦيريو منهنجي اک کُلي وئي. اتڻ کان بعد دل ۾ هڪ عجيب قسم جي راحت ۽ خوشي محسوس ٿي رهي هئي پر هرهر اهو خيال به ستائي رهيو هو ته خواب ۾ نظر ايندڙ بزرگ ڪير ٿو ٿي سگهي؟ ان بُزرگ جي زيارت جي برڪت سان منهنجي دل دنياوي اڻ وڻندڙ حالتن کان بيزار ٿي ڪري نيڪ ماحول جي طرف مائل ٿيڻ لڳي. مونکي علمِ دين سکڻ جو شوق ٿيو. انهيءَ شوق ۾ هڪ ڏينهن عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي هفته وار سنتن ڀريي اجتماع ۾ حاضر ٿيس. آخر ۾ رقت انگيز دعا جي دوران شرڪاء جي آه و زاري منهنجي دل جي دنيا ئي بدلائي ڇڏي. اجتماع جي آخر ۾ هڪ مبلغ اميراهلسنت جا به سنتن ڀريا بيان بنام” قبر کا امتحان “ ۽ ” باحیا پرندہ “ ٻڌڻ لاءِ ڏنا. مون جڏهن اهي بيان ٻڌا ته قبر ۽ حشر جا هنيانءُ ڏاريندڙ منظر منهنجي اکين جي سامهون اچڻ لڳا مون گهٻرائجي توبه ڪئي ۽ آهستي آهستي ديني ماحول جي ويجهو ٿي ويس. انهن ئي ڏينهن ۾ ڪانپور(هند) ۾ دعوتِ اسلامي جو سنتن ڀريو اجتماع ٿيو جنهن ۾

اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه بہ تشريف ڪٽي آيا. جيئن ئي مون اميراهلسنت کي ڏٺو تہ مان حيران ٿي ويس جو هي اهائي هستي هئي جن کي مون خواب ۾ ڏٺو هو. (نورانی چہرے والے بزرگ،ص 8)
الله پاڪ جي اميراهسلنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

کتنے بنائے عالم و حافظ کتنوں کو ہے تم نے سنوارا
پیر میرا پیر میرا پیر میرا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عالم ۽ غير عالم برابر نٿا ٿي سگهن

پياراپيارا اسلامي ڀائرو! جيئن گونگو ۽ ڳالهائڻ وارو، انڌو ۽ اکين وارو برابر نٿا ٿي سگهن ايئن ئي عالِمِ دين ۽ جاهل برابر نٿا ٿي سگهن. الله پاڪ قرآن ڪريم جي سورةُ الزُّمر، سيپارو 23، آيت نمبر 9 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| قُلْ هَلْ يَسْتَوِى الَّذِيْنَ يَعْلَمُوْنَ وَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ؕ | **ترجمو ڪنزالعرفان**: اوهان فرمايو: ڇا علم وارا ۽ بي علم برابر آهن؟ |

تفسيرِ طبري ۾ آهي: هن آيتِ مبارڪ ۾ الله پاڪ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي فرمايو: ”اي محمد! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) پنهنجي قوم کي فرماءِ تہ جيڪي ماڻهو هن ڳالھ جو علم رکن ٿا تہ انهن جي لاءِ پنهنجي رب جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ۾ ڪهڙو (اجر ۽ ثواب) آهي ۽ ان جي نافرماني ۾ ڪهڙا (عذاب) آهن ڇا هي ماڻهو (مقام ۽ مرتبي ۾) انهن جي برابر ٿي سگهن ٿا جيڪي هنن ڳالهين جو علم نٿا رکن؟ بس

اهي ( يعني بي علم) ماڻهو بنا سوچي سمجهي ڪم ڪن ٿا، انهن کي نہ نيڪ اعمال جي ثواب جي خبر هوندي آهي نہ ئي بُري اعمال جي عذاب جو خوف. لهٰذا اهي ٻنهي قسم جا ماڻهو برابر نٿا ٿي سگهن.

(تفسير طبرى ، پ23 ، الزمر ، تحت الآية : 9 ، 10 / 621)

## نوجوان عالم، جاهل پوڙهي کان افضل آهي

”ڪَنزُالدّقائق“ ۾ آهي: نوجوان عالم جو اهو حق آهي تہ ان کي جاهل(يعني علم دين نہ ڄاڻڻ واري) پوڙهي کان اڳيان ڪيو وڃي.

امام بَدْرُالدّين عيني حنفي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن عبارت جي شرح ڪندي”رَمزُالحَقائق“ ۾ ارشاد فرمائن ٿا:” جوتہ نوجوان عالم، جاهل پوڙهي کان افضل آهي. اللّٰه پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| قُلۡ هَلۡ یَسۡتَوِی الَّذِیۡنَ یَعۡلَمُوۡنَ وَ الَّذِیۡنَ لَا یَعۡلَمُوۡنَ ؕ (پ23 ، الزمر ، آيت:9) | **ترجمو ڪنزالعرفان:** اوهان فرمايو: ڇا علم وارا ۽ بي علم برابر آهن؟ |

۽ انهيءَ ڪري نماز ۾ هن (يعني نوجوان عالم) کي (جاهل پوڙهي کان) اڳيان ڪيو ويندو آهي حالانڪ نماز اسلام جي رُڪنن منجهان هڪ رڪن ۽ ايمان کان بعد سڀ کان پهريون فرض آهي ۽ شريعت ۾ جنهن (يعني عالم سڳوري) جي اطاعت ڪئي وڃي هو افضل آهي ۽ انهن کي جونہ اڳيان ڪيو وڃي جو علماءِ حق، انبياء ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جا وارث آهن جيئن تہ حديث پاڪ ۾ آيو آهي.

(رمزالحقائق،كتاب الخنثى،285/2)

## علمِ دين جو شان

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ:بيشڪ حڪمت بلند رتبي واري جي مرتبي کي وڌائيندي ۽ غلام کي ايتري بلندي عطا ڪندي آهي جو هو بادشاهن جي مقام کي حاصل ڪري وٺندو آهي. (المجروحين لابن حبان،472/1) هن حديثِ پاڪ ۾ علم جا دنياوي فائدا بيان ڪيا ويا آهن ۽ هي ڳالهه يقيني آهي ته آخرت تمام بهتر ۽ باقي رهڻ واري آهي.

## علمِ دين جي بدولت مال ۽ بادشاهت ملي وئي

حضرت عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا ته حضرت سليمان بن داؤد عَلَيهِمَا السَّلَام کي علم، مال ۽ مُلڪ مان هڪ شيءِ جي چونڊ جو اختيار ڏنو ويو ته پاڻ عَلَيهِ السَّلَام علم کي اختيار فرمايو، ته سندن کي علم جي برڪت سان مال ۽ ملڪ بہ ڏنا ويا. (تفسير روح البيان ، پ23 ، الزُمر ، تحت الآية : 9، 8 /82 )

اي عاشقانِ رسول! صرف الله پاڪ جي رضا جي لاءِ علمِ دين حاصل ڪيو ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ هن جون برڪتون ماڻيو ڇوته حديثِ پاڪ ۾ آهي: زمين ۽ آسمان جي سڀ مخلوق عالِم جي لاءِ استغفار ڪندي آهي. (ترمذی ، 1/، 146 ، حديث:223 )

لھٰذا هن ڪان بلند رتبو ڪنهن جو هوندو جنهن جي لاءِ زمين ۽ آسمان جا ملائڪ مغفرت جي دعا ڪندا هجن. هي پنهنجي ذات ۾ مشغول آهي ۽ ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ۾ مشغول آهن.

## عالِمِ دين جي ست حرفن جي نسبت سان علماءِ ڪرام جي فضائل تي مشتمل ست (7) فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

(1) الله پاڪ قيامت جي ڏينهن عبادت گذارن کي اٿاريندو پوءِ عالمن کي اٿاريندو ۽ انهن کي فرمائيندو: اي عالمن جي جماعت! مان توهان کي ڄاڻيان ٿو انهيءَ ڪري توهان کي پنهنجي طرفان علم عطا ڪيو هو ۽

توهان کي ان ڪري علم نہ ڏنو هو تہ توهان کي عذاب ۾ گرفتار ڪيان. وڃو! مون توهان کي بخشي ڇڏيو. (جامع بيان العلم وفضلہ، حديث:211، ص69)

(2) مؤمن عالم مؤمن عابد تي 70 درجا وڌيڪ فضيلت رکي ٿو. (جامع بيان العلم وفضلہ، حديث:84، ص36)

(3) عالم ۽ عابد جي وچ ۾ 100 درجا آهن ۽ هر 2 درجن جي وچ ۾ ايترو فاصلو آهي جيترو مفاصلو (هڪ) سيڪاريل پلو گهوڙو 70 سال تائين ڊوڙي طئي ڪندو آهي. (جامع بيان العلم وفضلہ، ص43، حديث:118)

(4) بيشڪ عالِم جي فضيلت عبادت گذار تي اهڙي آهي جهڙي چوڏهين رات جي چنڊ جي فضيلت تارن تي. (سنن ابوداود، 444/3، حديث:3641)

(5) عالِم جي فضيلت عابد تي ايئن آهي جيئن منهنجي فضيلت توهان جي ادنٰي تي (يعني گهٽ مرتبي واري امتي تي) ( ترمذي، 314/4، حديث:2694)

هي حديث پاڪ لکڻ کان بعد امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: غور ڪيو! حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيئن علم کي نبوت جي درجي سان ملائي ڇڏيو ۽ ڪيئن علم کان خالي عمل جي مرتبي کي گهٽايو جيتوڻيڪ عابد جنهن عبادت کي پابندي سان ڪندو رهي ٿو اها علم کان خالي ناهي هوندي نہ تہ اها عبادت ئي ناهي جيڪا علم کان خالي هجي. (احياء العلوم، 21/1)

حضرت مفتي احمد يارخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: هيءَ تشبيهه نوعيت کي بيان ڪرڻ جي لاءِ آهي نکي مقدار کي بيان ڪرڻ جي لاءِ، يعني جنهن قسم جي بُزرگي مون کي تمام مسلمانن تي حاصل آهي ان قسم جي بزرگي عالم کي عابد تي حاصل آهي يعني (هي) ديني بزرگي آهي نہ ئي صرف دنياوي بزرگي، جيتوڻيڪ انهن ٻنهي بزرگين ۾ ڪروڙين فرق آهي. بادشاهہ کي رعايا تي سلطنت جي،

مالدار کي فقير تي مال جي، طاقت واري کي ڪمزور تي قوت جي، خوبصورت کي بدصورت تي جمال جي بزرگي حاصل آهي. پر هي بزرگيون دنياوي ۽ فاني آهن، نبي کي مخلوق تي ديني بزرگي حاصل آهي، جيڪا هميشه قائم آهي، ايئن ئي عالم کي جاهل تي، اَج سڪندر کي فقير تي ملڪي بزرگي ناهي، پر امام ابوحنيفه کي تمام پيروڪارن تي بي پناه عظمت هاڻي به حاصل آهي. خيال رهي حضور انور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نبين تي الڳ اعتبار سان بزرگي آهي، صحابه تي الڳ اعتبار سان، ولين ۽ عالمن تي الڳ اعتبار سان، عوام تي الڳ اعتبار سان بزرگي آهي، اَدني ڪُمَّ ۾ ان آخري درجي جي طرف اشارو آهي.

(مراة المناجيح، 200/1)

تورو اڳتي هلي مفتي صاحب وڌيڪ لکن ٿا: هن مان هي لازم نٿو اچي ته عالِم نبي جي برابر ٿي وڃي. خيال رهي ته علمِ دين يا ”فرضِ عين آهي يا ”فرض ڪفايه“ ۽ گهڻي عبادت نفل آهي ۽ هي ته عالم جو نفعو مخلوق تائين پهچي ٿو ۽ عابد جو نفعو سندس ذات تائين، تنهنڪري عالم عابد کان افضل آهي. حضرت آدم عَلَيه السَّلَام عالم هئا، ملائڪ لکين سال کان عابد هئا پر سجدو عابدن عالم کي ڪيو. (مراة المناجيح، 216/1)

(6) قيامت جي ڏينهن عالمن جي قلم جي مسُ کي شهيدن جي رت سان توريو ويندو ته عالمن جي مسُ غالب اچي ويندي. تاريخ بغداد،190/2)

(7) قيامت جي ڏينهن ٽي قسمن جا ماڻهو شفاعت ڪندا: انبياء، عالِمَ ۽ شهيد. ( سنن ابن ماجه، حديث:4313، 526/4)

حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث جي شرح ۾ فرمائن ٿا: هنن ٽن ٽولن جي جماعت سان شفاعت کي خاص

ڪرڻ هنن جي تمام وڏيڪ فضل ۽ بزرگي جي سبب آهي نہ تہ مسلمانن مان هرنيڪ شخص(مثلاً سچي حاجي، باعمل حافظ) جي لاءِ (بہ شفاعت جو حق) ثابت آهي. (اشعۃ اللمعات،432/4)

امام غزالي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: خبر پئي تہ وڏيڪ عظمت وارو مرتبو اهو آهي جنهن جو ذڪر نبوت جي مرتبي سان مليل آهي ۽ هي شهادت جي مرتبي کان وڏيڪ آهي جيتوڻيڪ شهادت جي فضيلت ۾ بہ ڪيئي حديثون روايت ٿيل آهن. (احياء العلوم، 21/1)

## عالمِ دين جي محفل جي برڪت سان ڳائڻيءَ جي توبہ

بصره ۾ هڪ نهايت خوبصورت عورت رهندي هئي. ماڻهو ان کي شَعْوانہ جي نالي سان سڃاڻندا هئا. ظاهري حسن و جمال سان گڏوگڏ سندس آواز بہ نهايت سريلو هو. پنهنجي انهيءَ سُريلي آواز جي ڪري هوءَ ڳائڻ ۽ نوحہ خواني ۾ تمام گهڻو مشهور هئي. بصره شهر ۾ خوشي ۽ غمي واري ڪابہ مجلس ان کان بغير نامڪمل تصور ڪئي ويندي هئي. اهو ئي سبب هو جو سندس وٽ تمام گهڻي دولت جمع ٿي چڪي هئي. بصره شهر ۾ نافرماني ۽ بدڪاري جي حوالي سان ان عورت جي مثال ڏني ويندي هئي. سندس زندگي گذارڻ جو طور طريقو شاهاڻو هو، هوءَ قيمتي لباس پائيندي ۽ مهانگي زيورن سان سينگارجي ويهندي هئي. هڪ ڏينهن هوءَ رومي ۽ تُرڪي خادمياڻين کي ساڻ ڪري ڪاٿي وڃي رهي هئي. رستي ۾ ڪانئس گذر حضرت صالح مرّي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي گهر وٽان ٿيو. پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ الله پاڪ جا نيڪ ٻانها، باعمل عالمِ دين ۽ عابد ۽ پرهيزگارن ٻانهن مان هئا. پاڻ پنهنجي گهر ۾ ماڻهن کي وعظ و نصيحت ڪندا هئا. جنهن جي تاثير سان ماڻهن تي

رقت طاري ٿي ويندي هئي ۽ هو زاروقطار روئڻ شروع ڪندا هئا ۽ الله پاڪ جي خوف سان انهن جي اکين مان ڳوڙها لارون ڪري وهندا هئا. جڏهن شعوانہ نالي عورت اتان ڪان لنگهي تہ اُن گهر مان روئڻ جو آواز ٻڌو. ان ڪي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. هوءَ پنهنجي خامياڻين ڪي چوڻ لڳي: حيرت جهڙي ڳالهہ آهي جو هتي نوحو ٿي رهيو آهي ۽ مون ڪي اُن جي خبر بہ ناهي ڏني وئي. پوءِ ان هڪ خادمياڻي ڪي ان گهر جا حالات معلوم ڪرڻ جي لاءِ اندر موڪليو. هوءَ گهر اندر وئي ۽ اندر جا حالات ڏسي ڪري ان تي بہ خوفِ خدا طاري ٿي ويو ۽ هوءَ اُتي ئي ويهي رهي. جڏهن اها واپس نہ موٽي تہ شعوانہ ڪافي انتظار ڪرڻ ڪان بعد ٻئي ۽ وري ٽئين خادمہ ڪي اندر موڪليو پر اهي بہ واپس نہ موٽيون. شعوانہ هاڻي چوٿين خادمہ ڪي گهر اندر موڪليو تہ جيئن ڏسي اچي تہ آخر ڇا ڳالهہ آهي، اها ٿوڙي دير ڪان بعد واپس آئي ۽ ان ٻڌايو تہ گهر ۾ ڪنهن جي مرڻ تي روج راڙو نہ پيو ٿئي بلڪ پنهنجي گناهن تي آھ و زاري ٿي رهي آهي، ماڻهو پنهنجي گناهن جي خوف سبب ڳوڙها ڳاڙي رهيا آهن.

شَعوانہ اهو ٻڌي ڪلڻ لڳي ۽ انهن جو مذاق اڏائڻ جي ارادي سان گهر جي اندر داخل ٿي وئي. پر قدرت جي مرضي ئي ڪا ٻئي هئي. جيئن ئي هوءَ اندر داخل ٿئي تہ الله پاڪ سندس دل جي دنيا بدلائي ڇڏي. جڏهن اُن جي نظر حضرت صالح مرّي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تي پئي تہ دل ئي دل ۾ چوڻ لڳي: افسوس! منهنجي تہ سڄي عمر تباھ ٿي وئي، مون پنهنجي انمول زندگي گناهن ۾ ضايع ڪري ڇڏي، هو منهنجي گناهن ڪي ڪيئن معاف ڪندو؟ انهيءَ ئي خيالن ڪان پريشان ٿي ان حضرت صالح مري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪان پڇيو: ”اي مسلمانن جا امام! ڇا الله پاڪ نافرمانن،

سرڪش ۽ باغين جا گناهہ بہ معاف ڪري ڇڏيندو آهي؟“ پاڻ فرمايائون: ”هائو! هي وعظ و نصيحت ۽ وعدا وعيدون سيئي انهيءَ جي لاءِ تہ آهن تہ جيئن هو سڌي راهہ تي اچي وڃن. اُن تي بہ شَعْوانہ کي دلجاءِ نہ ٿئي تہ چوڻ لڳي: منهنجا گناهہ تہ آسمان جي تارن ۽ سمنڊ جي گاج کان بہ گهڻا آهن. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: ڪا ڳالهہ ناهي! توڙي جو تنهنجا گناهہ شعوانہ کان بہ وڌيڪ هجن تڏهن بہ الله ڪريم معاف ڪري ڇڏيندو. اهو ٻڌي هوءَ رڙيون ڪري روئڻ لڳي ۽ ايترو رُني جو بيهوش ٿي زمين تي ڪِري پئي. ٿوري دير کان بعد جڏهن هوش آيس تہ چوڻ لڳي: سائين! مان ئي اها (بدنصيب) شعوانہ آهيان جنهن جي گناهن جا مثال ڏنا وڃن ٿا. پوءِ ان پنهنجو قيمتي لباس ۽ مهانگا زيورات لاهي پراڻو لباس پاتو ۽ گناهن ذريعي ڪمايل سڄو مال غريبن ۾ ورهائي ڇڏيو ۽ پنهنجا تمام غلام ۽ خامياڻيون بہ آزاد ڪري ڇڏيون. پوءِ پنهنجي گهر ۾ عبادت و رياضت ۾ مشغول رهڻ لڳي. اها ڏينهن رات الله پاڪ جي عبادت ۾ مصروف رهندي ۽ پنهنجي گناهن تي نادم ٿي آهہ و زاري ڪندي ۽ معافي گهرندي رهندي هئي. روئي روئي ڪري ربّ ڪريم جي بارگاهہ ۾ التجائون ڪندي هئي تہ: اي توبہ قبول ڪرڻ وارن کي محبوب رکڻ وارا ۽ گنهگارن کي معاف فرمائڻ وارا! مون تي رحم فرماءِ، مان ڪمزور آهيان تنهنجي عذاب جي سختين کي برداشت نٿي ڪري سگهان، تون مون کي پنهنجي عذاب کان بچاءِ ۽ مون کي پنهنجي زيارت سان مشرف فرماءِ. شَعْوانہ انهيءَ حالت ۾ چاليهہ سال زندگي گذاري ۽ وفات ڪري وئي. (حڪايات الصالحين، ص74) الله پاڪ جي ان تي رحمت هجي ۽ ان جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جوں ہی گناہ کرنے لگوں، تیرے خوف سے　　فوراً اُٹھوں میں تھرتھرا یا ربِّ مصطفٰے
تیری خشیّت اور ترے ڈر سے، خوف سے　　ہر دم ہو دِل یہ کانپتا یا ربِّ مصطفٰے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# الله وارا ئي ڊڄندا آهن

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! باعمل بااثر هوندو آهي، باعمل عالِم سڳورن جا بيان ۽ تحريرون ماڻهن جون زندگيون بدلي ڇڏينديون آهن جيئن هاڻي اوهان واقعي ۾ پڙهو، خوفِ خدا جي عظيم نعمت جي حصول جو ذريعو علمِ دين آهي ڇوته علم دين جي برڪت سان الله پاڪ جي معرفت حاصل ٿيندي آهي. الله پاڪ بيشمار مخلوق پيدا ڪئي آهي. تمام مخلوق ۾ اشرف المخلوق جو تاج انسان جي مٿي تي سجايو. انسان جي ڏاڏي حضرت آدم صفي الله عَلَيهِ السَّلَام کي پنهنجي دست قدرت سان پيدا ڪري ملائڪن کان ڪين سجدو ڪرايو ۽ پوءِ سندن زمين ۾ پنهنجي خلافت عطا فرمائي. اهو سڄو مقام ۽ مرتبو ان کي هن علم جي فضيلت جي ڪري حاصل ٿيو جيڪا الله پاڪ انهن کي عطا فرمائي ۽ هي ايتري عظيم نعمت آهي جو جيڪو بہ ان کي سچي نيت سان حاصل ڪندو آهي اهو محروم ناهي رهندو ۽ ان کي حاصل ڪرڻ واري کي سڀ کان بهترين ۽ عمده شيءِ جيڪا ميسر ايندي آهي اها الله پاڪ جي عظمت ۽ شان جي معرفت آهي ۽ جنهن کي الله پاڪ جي سڃاڻپ حاصل ٿيندي آهي ان کي خوفِ خدا جي نعمت ملي ويندي آهي. جيئن سيپارو 22 سورة الفاطر جي آيت نمبر 28 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| اِنَّمَا يَخْشَى اللّٰهَ مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمٰٓؤُا ؕ | ترجمو ڪنزالعرفان: الله کان انهن جي ٻانهن مان اهي ئي ڊڄندا آهن |

| | |
|---|---|
| (پ22، فاطر، آيت:28) | جيڪي علم وارا آهن. |

## چا شان آهي صديقِ اڪبر جو

حضرت علامہ محمود بن عبدالله حسيني آلوسي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تفسير روح المعاني ۾ ارشاد فرمائن ٿا تہ ڪجھ مفسرين جي اقوال مطابق هي آيتِ ڪريمہ مسلمانن جي پهرين خليفي حضرت ابوبڪرصديق رَضِیَ اللهُ عَنْه جي باري ۾ نازل ٿئي ڇوتہ سندن تي خوفِ خدا جو غلبو هو.

(تفسير روح المعانی، جز:22، فاطر،تحت الآية:28، ص499)

اميراهلسنت منقبتِ صديق اڪبر ۾ عرض ڪن ٿا:

يقيناً منبعِ خوفِ خدا صدّيقِ اکبر ہیں　　حقیقی عاشقِ خیرُالوریٰ صدّیقِ اکبر ہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پنهنجي شاهدي سان گڏ عالم سڳورن جي شاهدي جو ذڪر

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! عالم سڳورن جي شان جو ڇا چئجي، الله پاڪ پاڻ سان گڏ عالم سڳورن جي شاهدي جي باري ۾ قرآن ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| قُلْ كَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًۢا بَيْنِيْ وَبَيْنَكُمْ ۙ وَمَنْ عِنْدَهٗ عِلْمُ الْكِتٰبِ ﴿۴۳﴾ (پ13، الرعد: 43) | ترجموڪنزالعرفان: اوهان فرمايو: الله ڪافي شاهد آهي منهنجي ۽ توهان جي وچ ۾ ۽ هر اهو ماڻهو گواهہ آهي جنهن وٽ ڪتاب جو علم آهي. |

# رباني عالم جي هڪ نشاني

حقيقي رباني عالم جي ويجهو آخرت دنيا کان وڌيڪ اهميت جي حامل هوندي آهي جو تمام جلد فنا ٿيڻ واري زندگي جي مقابلي ۾ هميشه باقي رهڻ واري زندگي کي ترجيح ڏيندو آهي جيئن تہ قارون جيڪو نهايت مالدار شخص هو هڪ ڀيري سنورجي پنهنجو عاليشان لشڪر ساڻ ڪري نڪتو تہ ان جو هار سينگار ڏسي ڪجھ ايمان وارن چيو: ڪاش! اسان کي بہ اهڙي شان و شوڪت ۽ مال ۽ دولت ملي وڃي ها جيئن قارون کي دنيا ۾ ملي آهي. بيشڪ هي وڏو نصيب وارو آهي. اُن وقت جي رباني عالمن انهن کي مخاطب ٿي جيڪو فرمايو ان کي قرآن ڪريم ۾ ڪجھ هن طرح بيان ڪيو ويو آهي:

| | |
|---|---|
| وَ قَالَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ وَيْلَكُمْ ثَوَابُ اللّٰهِ خَيْرٌ لِّمَنْ اٰمَنَ وَ عَمِلَ صَالِحًا ۚ<br>(پ20، القصص:80) | ترجموڪنزالعرفان:انهن چيو: توهان جي خرابي هجي،الله جو ثواب بهتر آهي ان ماڻهو جي لاءِ جيڪو ايمان آڻي ۽ چڱا ڪم ڪري. |

امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن آيتِ مبارڪ ۾ بيان فرمايو تہ آخرت جو مقام ۽ مرتبو علم جي ذريعي معلوم ٿئي ٿو. ۽ هن آيت ۾ زُهد(يعني دنيا کان بي رغبتي) کي عالم سڳورن جي طرف منسوب ڪيو ويو آهي ۽ زاهدن جي خوبي اها بيان ڪئي وئي آهي تہ هو علم جي دولت سان مالامال هوندا آهن. (احياء العلوم،19/1، 270/4)

حقيقت ۾ اها آهي ته رباني عالمن جي ويجهو انهن جو مال سندن علم آهي جيئن حضرت زُبير بن ابوبڪر رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه بيان ڪن ٿا ته مان عراق ۾ هيس منهنجي والد صاحب مون ڏانهن پيغام موڪليو ته علم کي لازم پڪڙ! جيڪڏهن غريب آهين ته هي تنهنجو مال آهي ۽ جيڪڏهن امير آهين ته هي تنهنجو جمال آهي. (حديث ابى نُعيم عن على الصواف، ص7،، حديث:6)

خبر پئي ته دنيادارن جي دنيا کي لالچ جي نظرن کان ڏسڻ ۽ انهن کي ملڻ واري دنيا جي تمنا ڪرڻ غافل ماڻهن جو ڪم آهي جڏهن ته اهلِ علم حضرات دنيا کان بي رغبت رهندا، آخرت ۾ ملڻ واري ثواب تي نظر رکندا آهن ۽ هي ثواب ماڻڻ جي اميد رکندي نيڪ اعمال ڪندا ۽ گناهن کان بچندا آهن ۽ ان سان گڏوگڏ بين کي به دنيا جي عيش و عشرت جي حصول جي تمنا ڪرڻ جي بجائي اخروي ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪوششون ڪرڻ جي طرف مائل ڪندا آهن.

(تفسيرصراط الجنان ،پ20،القصص،تحت الآية:80، 328/7)

الله ڪريم! اسان کي صرف پنهنجي رضا جي لاءِ علمِ دين حاصل ڪرڻ جي سعادت عطا فرمائي.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو "فڪرِ مدينہ" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ "**مدني انعامات**" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل







عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net